# ڪي جو ٻيجل ٻوليو

## شيخ اياز

ڪمپوزنگ: حبيب سنائي

وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر
editor@voiceofsindh.net
www.voiceofsindh.net

پهريون ڇاپو: سيپٽيمبر 1970
ٻيو ڇاپو: مئي 1987
اي بڪ ڇاپو: ڊسمبر 2006

نوٽ: هيءَ ڪتاب مڪمل نہ آهي, انشاء الله تمام جلد مڪمل ڪتاب ويب سائيٽ تي پيش ڪيو ويندو.

# وايون ۽ گيت

•

ڪــنديءَ نہ سِگري، ٻير نہ پلڙو،
سائو نہ سَـلڙو،
چانگـُون نہ چيلڙا!
مارو اڪــيلــڙا!
مارو اڪــيلــڙا!

پِـنديءَ نہ ڳِـيڙو، وهُ واتِ ويلا،
مُـنَهڙا بہ پيلا،
ڳوڙها ڳِهيلڙا!
مارو اڪيلڙا!
مارو اڪيلڙا!

سارو سِيارو ٽِـي ماٽ ماري،
سومر اڱاري،
ماٺهو نہ ميلڙا!
مارو اڪيلڙا!
مارو اڪيلڙا!

تا جيءُ جهورِن ۽ روهہَ رولِـن،
جنهن وقت ٻولِـن،
ڪَـٽيي ڪُـويلڙا!
مارو اڪيلڙا!
مارو اڪيلڙا!

•

ڪِـيڙو ڪِـيڙو ڪوھہُ ڪَـرين!
ڇا تو سارين ڪارِڙا؟
آءُ ڇـٻـَر ۽ ڪَـنـڊيءَ ڇانــوَ،
نـنـڊ ڦـٽايـئہ، شالَ مرين!
ياد ڏياريئہ يارڙا!
ڇا تو سارين ڪارِڙا؟
ڪيرُ ھُري تو تنھنجي ھانـوَ،
تو ھِـئن ڪنھنجي ڏَنجھِ ڏرين؟
تو بہ ڪَيا ڇا پيارڙا!
ڇا تو سارين ڪارِڙا؟
ويسر واريا مون ۾ نانـوَ،
ڪيرُ نيائي پريت پَرِين!
ووءِ ڪتي ويچارڙا!
ڇا تو سارين ڪارِڙا؟
ڇا تو سارين ڪارڙا...

--
ڪارڙو - ڪارو تتر
ڏنجھُ - ڏک
ڪِـيڙُو ڪِيڙو - تتر جو آواز

•

جيجل، منهنجو جِيئڙو!
هَئہ هَئہ منهنجو جِيئڙو!
آئي مند گلاب جي-

هر ڪنهن پاتا هارَ، هوا ۾ چَڳَّ چَڳَّ ٿي مهڪي،
رُت جي ريت نرالي آهي، رَڱَّ رڱَّ ٿي ڇَهڪي_
ها، پر هُو سانگِيئڙو!
هَئہ هَئہ منهنجو جِيئڙو!
آئي مُند گلاب جي-

ڪُوڪي ڪوُڪي گهايل مَن ۾ ڪويَل ڪنهن کي ڪانديِ،
هَر هَر آءٌ اچان چائنث تي ڪيئي سپنا سانديِ_
ڪوبہ نہ پائي لِيئڙو!
هَئہ هَئہ منهنجو جِيئڙو!
آئي مند گلاب جي-

ڪنهن کي اِن جو ڪَئتُ نہ آهي، موتُ ڪَڏهن ٿو ماري،
مون ڪان پوءِ نہ ڄاڻان ٻِي ڪا، جيڪا در تي ٻاري_
ڏوارنهين لَئہ ڏِيئڙو!
هَئہ هَئہ منهنجو جيئڙو!
آئي مند گلاب جي-

•

ڪاريءَ ڪَـنديءَ تان ڪَـنهن جا ٻہ ڏِيئا
گهنگهنور ساگر
ھِہ ڇو ڏِسن تا؟
ٻيڙي تہ ڪائي موٽي نہ آئي،
واريءَ آنديءَ تان پر پوءِ بہ ليئا
گهنگهور ساگر
ھِہ ڇو ڏِسن تا؟
ڪو ڪِئن بہ چاهي، اُلڪو تہ آهي،
وانجهِي ويا جي، جِيئا نہ جِيئا!
گهنگهور ساگر
ھِہ ڇو ڏِسن تا؟
ڪاريءَ ڪَـنديءَ تان ڪَنهنجا بہ ڏيئا!

•

باک ڦُٽيءَ جو بانورا!
مـينڊِي پوکِ نہ ڪيتَ ۾.
مُومَل هَـتـڙا رانئـباءِ
مَرندا سوڍا سانورا_
مـينڊي پوکِ نہ ڪيت ۾.
ايندا سَـڌڙا ڪاڪِ جاَءِ
وِسِـري ويندا چانوراءِ
مـينڊي پوکِ نہ ڪيتَ ۾.
باکَ ڦٽيءَ جو بانِورا!
مـينڊي پوکِ نہ ڪيت ۾.

•

هَـئہ هَـئہ ٻيرون ڄاڳُـــريون!
هَـئہ هَـئہ آرتيـون آڳـريون!

سارو ڏينهُن بهارَ ۾،
هر هر ڦُولَ ڦُلار ۾_
هَئہ هَئہ ٻيرون ڄاڳريون!
هَئہ هَئہ آرتيون آڳريون!

هونءَ تہ پيارا مُند جا
سپنا سارا مُند جا_
هئہ هئہ آرتيون آڳريون!
هئہ هئہ ٻيرون ڄاڳريون!

ڄاڳري ٻير – پهاڙي ٻير، جا هر َ وَڻ ڪان ڪان اڳ بهار ۾ ڦٽندي آهي ۽ جنهن ۾ ننڍڙا ڳاڙها ٻير ۽ تيز ڪندا هوندا آهن.

•

هَئہ هَئہ مُنهنجي چولِـڙي
ڏوءُ نہ ڌوٻيءَ گهاٽَ تي!
اُن ۾ جنهن جو واس آ،
آءٌ انهيءَ جي گولِـڙي_
هئہ هَئہ منهنجي چولِـڙي
ڏوءُ نہ ڌوٻـيءَ گهاٽَ تي!

آهہ ڪُجر جي ڪَـجَّ ۾،
ڪائـي رات رتولِـڙي_
هَئہ هَئہ منهنجي چولـڙي
ڏوءُ نہ ڌوٻيءَ گهاٽَ تي!

سارو ڏينهُن ڇُـهاوَ سان،
ڇاتيءَ جَنهنجي چولِـڙي_
هئہ هئہ منهنجي چولـڙي
ڏوءُ نہ ڌوٻيءَ گهاٽَ تي!

مِيرو سَمجهُ نہ مُـنڌَ ڪي،
ٻُـڌُّ تہ منهنجي ٻولـڙي!
هَـئہ هَئہ منهنجي چولِڙي
ڏوءُ نہ ڌوٻيءَ گهاٽَ تي!

•

تون لَنوائيندي ٻه مون کي ڪيسيتائين؟
آءٌ تنهنجي دانهن آهيان!
تو ٻران تو ۾، سُجاتو تو نہ سائين!
آءٌ تنهنجي دانهن آهيان!
مون ٻڌا هِن چَنگ ۾ جهُوڙا نہ جهائين!
آءٌ تنهنجي دانهن آهيان!
ووءِ، مُنهنجا گيت تون ڳائين نہ ڳائين؟
آءٌ تنهنجي دانهن آهيان!
ووءِ، پنهنجي پاڻَ کان چو تو لَڄائين؟
آءٌ تنهنجي دانهن آهيان!
آءٌ تنهنجي دانهن آهيان!

•

وَٽّ جَلائي ويهہ،
آئي راتِ اُماسَ جي
چَڻ تہ اُجهاٽو اوچتو
ڏِيئا ڏِيئا ڏيهُہ
آئي راتِ اُماسَ جي.
پهرين جوتِ جِيار تون،
پوءِ پَڪي ۾ پيهُہ
آئي راتِ اُماسَ جي
اَرها! انڌوڪار ۾،
تو وٽ سِجَّ سِنيهُہ!
آئي راتِ اماسَ جي.

•

گهرَ گهرَ جوتِ جَلائِي،
سانجهي آئي۔
تُنهنجو ديپُ وساڻل ڇو آ؟
تنهنجو منهن ڪُوماڻَل ڇو آ؟
هَر ڪنهن سيجَ سجائي!
سانجهي آئي۔
هُو جو مُور نہ وَرڻو آهي،
تُنهنجي پريتِ انهيءَ ڪي چاهي،
کهڙي گَتَ ٻڻائي!
سانجهي آئي۔
هاءِ، اڪين وَتِ ڏورا تُنهنجا،
هَئہ هَئہ نيڻ ڪَٽورا تنهنجا
جن ۾ بوندَ نہ ڪائي!
سانجهي آئي۔
ڪنهن سان پريت لڳايئہ پڳلي،
جو اڄ راس نہ آيئہ پڳلي،
ساوڻَ- رت سُهائي!
سانجهي آئي۔

•

او ڪامَھ ۾ ڪونجِڙيو!
ترسو مان ٻہ هَلان!
ساٿي ساري ديسَ ۾ مُنهنجو ڪونہ ٿيو،
ترسو مان ٻہ هَلان!
ڏوري مون ڪي ڏُور ڪو پنهنجو ڏيهُ ڏيو،
ترسو مان ٻہ هَلان!
چو ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ مون ڪي پنڌُ پيو!
ترسو مان ٻہ هَلان!
ڪَنيِزاٿين ڪان اڄ ڪَنيِي مون ڪي ساٿِ نيو!
ترسو مان ٻہ هَلان!
ترسو مان ٻہ هَلان!

•

چوڙِي پوءِ نہ ڪيتڪِي،
گُجرَا پاءِ نہ ٻانهن ۾.
ٻِھلي! ساري ڳوٺ ۾
ڳولين تي ڪنهن ڪي لِڪي؟
گُجرا پاءِ نہ ٻانهن ۾.
ٿَڙ تي تارَن چانوَ ۾
سارين تي ڪنهن ڪي سڪي؟
گُجرا پاءِ نہ ٻانهن ۾.
سوچينِ تي ايندي ڪڏهن
پاران تُنهنجي پالڪي!
گُجرا پاءِ نہ ٻانهن ۾.
يورِي، ڪهڙي پالڪي!
گُجرا پاءِ نہ ٻانهن ۾.
گُجرا پاءِ نہ ٻانهن ۾.

•

گھاگھَر گھاگھَر گھاٽُ،
سِجَ ڪني نڪتي.
سينھون ويڙھي سانوري،
تُون ڇو آنھہ اُچاٽُ؟
سِجَ ڪني نڪتي.
سورج- ونسي سونهن ساَن
ساريُئہ رات سماٽُ_
سِجَ ڪني نڪتي.
نيٺ تہ ايندو تو ڳِري،
ڇو تو ڳِٽيءَ ڳاٽُ!
سِجَ ڪني نڪتي.

•

اُپ-ڪَپر تي ناوَ،
چَندُ پيو ايري.
گهَر گهَر مهڪي مالتي،
چوٽِي چوٽِي چاوَ،
چَندُ پيو ايري.
ڪامِڻ ڪُندن روپ ڪي
ڪامديوَ جا گهاوَ_
چَندُ پيو ايري.
سانجهيءَ ٽاٽي سار جا،
ڇا ڇا هَٽَّ ڇُهاوَ!
چَندُ پيو ايري.

ڪامڻ - ڪامڻي
ڪُندن روپ - سون جي شڪل واري

•

آڏا لَڪَّ تہ ڏِسُ!
چنڊ پيو ايري.
گهوري ٻينو ڪَڏُ ۾
هيٺِ سرَھ جو سِسُّ۔
چنڊ پيو ايري.
چَڙهڻو آن جي چوٽَ تي
ڦهڪو ڪائي ڦِسُّ۔
چنڊ پيو ايري.

•

هي نيرو آڪاس_
آڌيءَ جو آڪاڙ ۾.
ڳوهي تو ڄڻُ ڳُجهه ۾ ڪوئي منهنجو ماسُ،
آڌيءَ جو آڪاڙ ۾.
مَن- مندر ۾ ڏيئڙا، هَلڪو چندن واسُ،
آڌيءَ جو آڪاڙ ۾.
مون سان مُنهنجو پيارُ پڻ ٽيٽو آ ڇا ناسُ؟_
آڌيءَ جو آڪاڙ ۾.

•

ڪَنبُ نہ تون ڪاپائِتي!
ڪَـنبڻَ واريون ڪوهُ ڪَتينديون!
هِن آتڻ ڪان اڳتي ڪائي
نَاهي ٻونءِ ٻَوائتي۔
ڪَـنبڻَ واريون ڪوهُ ڪَتينديون!
توريندڙَ جي تانگهہ اَجائي
آهہ اڙي آسائتي!
ڪَـنبڻَ واريون ڪوهُ ڪَتينديون!
ڪَنبُ نہ تو ڪاپائتي!
ڪَـنبڻَ واريون ڪوهُ ڪَتينديون!

•

ڳاڙها ڳيـرُو آئِيا
دولهَه مُنهنجي ديسَ جا!
دَر دَر وَنـڙيءَ پانهنجا
مُرڪي وارَ وڇائِـيا_
دولهَه منهنجي ديس َ جا!
واري تن تي جندڙي،
هي جي ويريءَ گهائِـيا_
دولهَه منهنجي ديس َ جا!
لالُ لَهوءَ ۾ گهوتـڙا
ڳوٺَ ڳَلي سان لاَئيا_
دولهه منهنجي ديس َ جا!
دولهه منهنجي ديس َ جا!

•

وَنجهَ تکيرا وانجهيو!
گهاٽُ پري آهي.
ڪارا ڪُنَّ اَٿاهَ جا
اجا آڳيرا وانجهيو!
گهاٽُ پري آهي.
لهرون لُڙ درياهه جا
هيل گهڻيرا وانجهيو!
گهاٽُ پري آهي.
ٽَڪرايو طوفانَ سان
سُرخُ ڦُريرا وانجهيو!
گهاٽُ پُري آهي......
گهاٽُ پري آهي.......

ڦُريرو _ جهندو

# غزلون

●

سَکِي! هَوا ۾ هُٻڪاءُ آهي، گـلي گـلي گيتُ تي وئي آ!
پِيا بنا نِـنڊَ ڪيئن ايندي، بسَنتَ جي رات ٻي چئي آ.

اَنـنت آ هيءُ روپُ_مايا، اجا تہ ڪيـنـرَ بہ گيت ڳايا،
اُتي سُتي لوڪِ ڳاءِ چارڻ! صدا اجاَ تو ڪتي ڪَـئي آ!

نہ ڪُوڪُ ڪويل! نہ ڪوڪُ ڪويل! اسان اڳيئي دکي، ڏھاڳڻ!
ڏسين نہ تي چا پِـرَھ پري آ، لَـھو لَـھو رات نِـردَئـي آ!

سَڄي سَڄي رات ننڊ نيٽين نہ آ سان ڪي، تڏھن بہ ساجن!
پڌَرَ پئي آھ ڳالھڙي ڪِئن؟ نہ تو چئي آ نہ مون چَئي آ!

’اياز‘ ڪلھ مينڌري چيو تي، ’جڏھن چڙھي ڪامٽي چکيا تي،
’نہ ڪاڪ ساڳي، نہ آءُ ساڳيو، ڏِنُـم تہ مومل نَئي نَئي آ!‘

اننت _ بي انت
نِردئي _ ظالم.

●

چٺَ پورا ڪيا گهڙي تي مون،
ڏسُ، نهائين اجا تتي نہ تتي!

هو پروڪي ڪڏهن پيارينديون،
مَٽ ڪولي تہ ڏِس، مَتي نہ مَتي؟

اڄ تہ ڏاڍو اُداس آ آتڻُ،
تندُ تو ڪا نئين ڪَتي نہ ڪتي؟

سانت، ڄر جي اُڏارَ، تيزُ هوا،
چندُ، چِڪيا متان سَتي نِستي!

ريسَ توسان اَوس ’اياز‘ تئي،
تو ڪنئي ڪاڻِ، مون رَتي بہ رَتي.

●

لارَ تنهنجي لڳي آهيان لالَـٽا!
آءُ موتي مِيان، ڏينهن لاتئہ گهٽا!

هيلَ پنهنجي چُني مون تہ ڳاڙهي رڱـي،
ڳوٺَ ڳالهيون ڪيون تا ملن ميهٽا.

ٻک ڪنهن کي ٻرهہ جي نہ آ ڀُونءِ تي،
اُڀُّ پالهي پندي، چار تارن_ڪـٽـا.

سنڌُ جيئي سدا، سنڌُ جيئي سدا،
راسِ آئي رلِي، هُونءِ اوچڻ گهٽا.

اي ’اياز‘ اڄ وري ڏُنڌُ ڏاڙا هنيا،
’روشني! روشني!‘ ڪن پيا ڪي چٽا.

ميهٽا _ مهٽو. مڙن موٽڻ ميهٽو، ٿيا نظاري نروار (پٽائي)

●

ساڳُ پنهنجو پَلِي سنڌُ ٻو پيي پلي،
ياڳُ واري سدا پونءِ تي پَرجهَلي.

تو چيو 'سنڌڙي' مون چيو 'جندڙي'
مون پرولي سَلي! مون پرولي سلي!

پريت ليلا بہ آ، پريت ڪؤنرو بہ آ،
پريت پرڪي تہ ڪا مون جيان دل جَلي!

وڪَ وتَري ڪَيو تي اچي، تي اچي،
هُو جَهڙالي هوا، هُو گلابي گَلي!

سنڌُ مرٽي نہ آ، اي 'اياز'، آ اجا،
اُجّ جو آسرو، ڪا تہ پاٽيءَ ڪَلي!

●

هاڻُ منهنجو هرڻ، ريتِ منهنجي رلي،
رات مون کي ستاراَ ستارا مليَ!

روجھَ رمتا ٽيا ڪيرُ ڪنهن ڪان پڇي،
اپُّ ڇا ڪان ڦِٽو، وڄُ ڪنهن تي ڪلي؟

ڪا ترائي هجي ڇانوَ ڇانئي هجي،
اڄّ منهنجي ٻُجهي، مان پوان آهِلي!

تو سوا نينگري ڏيهہَ ساري ڏٺو،
ڊيل ڊولائتي ٿورَ تنهنجي ٿلي!

ڪنهن نہ ڄاتو اياز آهہ هي تو سَوا،
ڏاتِ سارو جَڳت ڏاتِ سوڙهي ڳلي.

●

جا خدا کان نہ ٿي، جا نہ امڪان ۾،
ڪالهہ ڪان ڳالهہ سا آهہ انسان ۾.

آءُ زنجير پائي بہ آزاد هان،
تون تہ ظالم سدا آنهہ زندان ۾!

رات نانگڻ بہ آ، رات جوڳڻ بہ آ،
رَک جٿائون انهيءَ جون سَدا ڏيان ۾!

مون نہ ڄاتو هُيو چَنڊُ چارڻ بہ آ،
چاندني راڳ آ رات سنسان ۾!

هو تہ مون کي چتا تي وٺي ٿي ويا،
مينهُن برسي پيو ڪالهہ شمشان ۾.

بادلو! بادلو! ڪجهہ تہ برسي وڃو،
رات ترسي وڃو هِن بيابان ۾.

عشق تنهنجو ’اياز‘ آهہ انسانَ سان،
هو ڇون ٿا تہ تون ناهہ ايمان ۾.

●

تي املتاس تان ڪُوڪَ ڪويل ڪَري،
هُو پَـري آ، پَري آ، پَري آ، پـري!

مورَ جا پَرَ نہ مون ڪي ڏِنا تِي ميان!
ناچُ مون ڪان نہ ٿي، رِيٽِ پيئي ٻري.

مَڏُّ ڪهڙو بہ آهي، ڪلالو! ڏيو_
راتِ گهنگهورُ آ، ڪٿن بہ تاٽو ٽري.

ٻاڻَ ڪيئي گُتا پر نہ چارڻ ٿَڪو،
ٻَنگُ ٻيهر چڪي، چَنگُ چوريو چَري.
جيءُ هو يا جُهڳو، داءُ پنهنجو لڳو،
جيتُ چا، هارَ چا، ڪيرُ پُٺ تي وري!

سُر بہ تنهنجو ميان، سِر بہ تنهنجو ميان،
ڪنڌُ تو ڪان سو ڪِيرُ تولئہ ڌري؟

مينهن جي رات ڪاتي وجو اونيو!
مانڙي تِي پچي، باهڙي تِي ٻَري!

آءُ، رابيل مُرجهائجن تا پـيـا،
ڪا سُڳنڌ آهه جنهن جي نہ تو بن سَري!

اي ’اياز‘ ائنترا! تو تہ پايل ٻَــڌي،
پير سوچي تہ رَکُ ڌرتيءُ تي ڌري!

املتاس _ املداس، چمٽيءَ جو وڻ.
ٻنگ _ تير.

●

جُھوپڙي ٻاھران رات جھانجھر وڳي،
پيرَ ڪنهَنجا هُيا؟ ڪيرَ مون ڪان پڳي!

سونَ جهڙي جُواني اسان ڪان وئي،
وارَ چاندي ڪَيئہ، عُمرِ ايڏي ٿڳي!

ڪيرَ هيءُ سُڄَ ۾ ٿي وڃي اُڃَّ ۾،
ٿِي نہ پُٺ تي ڏسي، لارَ ڪنهن جي لڳي؟

سورَ تو لئہ سٺا، سارَ تُنهنجي رهي،
زندگاني پرين! تارَ تنهنجي ٽڳي.

●

ٻيجل سَواءِ ٻي تہ لَکا ناھ لوڪَ ۾،
ھڪ ڳالھ آ تہ جھانءِ نہ آھي جھَروڪ ۾!

اونده اُجاربي نہ اڱوٺي چِراغ سان،
نيزي مٿا اياز نئون سجُ نوڪ ۾!

ڪرھا ڪُڌاءِ، ڪاڪِ پري ناھ مينڌرا!
ڇا جي ڇڏيئہ ٻہ چار جَڏا جيءَ جھوڪَ ۾!

وِھُ ڪان ڪَڙي پيار اسان ڪي اڙي ڪلالَ!
ھا، اوتِ، اوتِ، اوتِ اجا اوتِ اوڪَ ۾!

شل ڪَرَ ڪٽي ڪرارِ مٿان اوچتو وسي،
مارو مِلن ’اياز‘ وري شالَ موڪَ ۾!

جھروڪ_ جھروڪو، ڇاري واري ڪتھڙو.
جھوڪَ _ رات جي منزل لاءِ اٺن ويھارڻ جي جاءِ.
اوڪَ_ ٻڪ، پئٹ، زور واري برسات.
ڪِرار_ ڀٽ شاھ جي ويجھو ھڪ ڍنڍ.

●

هي هرڻ بانورو ڪيستائين هَڄي؟
بادلو، بُوند ڪا، ريتِ جنهن سان رَڄي!

آءٌ سورج مُکي، ڏينهن مُنهنجو ڏُکِي،
تون تہ اُپرين نہ ٿو، اَڪَ چاتي ڪَڄي!

آگَ بن ۾ لڳِي، راڏڪا ٿِي رَڙي،
بنسري شيام جي بي سري ٿي وڄي!

او پرين! او پرين! آءُ موٺان پيو،
ڪيرُ توکان ڀڄي؟ ڪيستائين ڀڄي؟

سر ’اياز‘ اڄ ڏئي، مُنڌ موٺائجي،
سِنڌُ سستي وِڪي آهہ ڪنهن نِرلڄي.

●

ٻہ ٽي نينگريون، چانديءَ ۾ پَٽڻُ،
لٽيون، اپسرائون سجاول ۾ جَڻُ!

ڀني رات، ڳُهرا ٽيا ڳوٺڙا،
اَسارو اَسارو کُهلي ٿو ڏکڻ.

ستارن ڀَري اُڀّ هيٺان نہ سُمهہ!
ستارا ڏِسي ياد ايندءِ سڄڻ.

اَڙي رات تارن ڀَري! تو ڏٺو،
تَرائيءَ مَٿان هُو اڪيلو هرڻُ؟

چون ٿا تہ آ ذاتِ آڪاسَ_قلُ،
چون ٿا تہ پنهنجو نَہ تون پوک وڻ.

پرينءَ جي پکي ۾ وڃين ٿو ’اياز‘
ٿڙي آهہ ٿانگر، ٻہ ٽيِ قولَ ڪَـڻُ.

●

ڪُونجَ ڪَرڪي پئي ڪا اُترَ پار جي،
ياد آئي اسانٰ کي وَري يارَ جي.

اڄ اُتي جي هَوا جيءُ جهوري وڌو،
سينگ چِڪجي وَئي اوچتو سارَ جي.

ٿي ڪيا اڄ شفق ڦُولَ اُن ۾ ڦٽا،
ڪانءِ جهولِي ڀَري ڀَر مڱٽهار جي.

ڪيترن ڪَونپلن سان سَجايل هئي!
ٻانهَن چو اَڪارڻ ڪپي ڏارَ جي؟

اي ’اياز‘ اوچتو ڦَٽُ کولي وئي،
چيٽ جي چاندني، هيرَ ولهارَ جي.

●

دور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا،
تون اجا تو جيئين، هاءِ ڙي جيئڙا!

اوچتو مون ڏٺو اُ ٻُ آسائتو،
رات ڪاري هُئي ڏيئڙا ڏيئِڙا!

مون نہ ڄاتو تہ اي سجَّ جهڙا پرين!
روز ٻاتا پئي تو لڪي ليئڙا!

آءُ منهنجي تڏي، ويهُہ اوري اڏي،
ساهُ تو ڪي سڏي، اوءِ سانگيئڙا!

چو ’اياز‘ اڄ وَري ڇانوَ ڳولين پَيو؟
پَنڌُ ڏاڍو پري آهہ پانڌيئڙا!

●

ڪيتَ ڪُورا ٿيا، ڏينهن ڏاڍا تتا،
آءُ ڪاري گهٽا اڄ تہ چوڙِي ڇَتا!

واءُ سان وَنجهَ ڪيڏو وڙهن ٿيا پيا!
جئن اَٽائو لڳو، مُڙسَ مانجهي متا!

پريت ۾ جيترا جيءَ جوکا کَنيا،
اوترو مَڏُ متو، راڳ مُنهنجا رُنا!

روز جهُلڪا لڳا، روز خوشبو پُڳي،
واءُ ڪان مون وَتا پار تنهنجا پَتا!

تي ’اياز‘ اڄ وري جڻ اَڪارَت لڳي،
سانوڻي ڪان سوا هيءَ سموري ستا!

●

تو جَلي هي جبل، لُوءِ هوريان تہ هَلُ!
پنڌ پنهنجو پَري، ڏينهن آهي تَتَلُ!

سِجُ تارا ڪڍي، واءُ وَر وَر وَڍي،
بَرسُ ڪيهون ڪري، اي چِمر! ڪَر نہ چَلُ!

ڪو پَکيءَ جو نہ پرُ، تو ٻري ڪيرترُ،
چِپَ جي چانو ۾ ڪير آهي سُتَلُ!

واءُ واريءَ مٿان تو وَراڪا ڏئي،
جو اُڏاٽو تترُ، ڪا ترائي نہ تلُ!
اي ’اياز‘ اڄ تہ ڏس پيرَ پنهنجا پٿون،
ڪا گهڙي ساهُ پٽ، آ پري، هُو پنهل!
**
رات جي راٽيءَ ڪئي قلهارَ آ،
واءُ ۾ ڪنهن سانوري جي سارَ آ!

ڪونج ڪا اُڏري پئي سنجها سمي،
يا اُفق تي ڪا لهوءَ جي ڌارَ آ!

يادِ بندرُ بُمبئي جو تو اچي،
جيءَ ۾ جهرمر ڪُئي ڪنهن يار آ.

گونج آ هر گيتَ ۾ جنهن جي ’اياز‘
هاءِ، سو چو دور آ، چو ڌارَ آ!.

●

اڄ ڏسي ڳاڙها ڪڪر آڪاس ۾،
ڊرتتيءَ کي آس آئي آس ۾.
تون پري آهين ته ڇا، آهي ٻنل،
رات ٻر رابيلُ تنهنجي واسَ ۾.

نيٺ بادل برسندا هن ٻونءِ تي،
نيٺ ايندين ڪنهن مهيني ماسَ ۾.

هي هرڻُ ڏاڍو هنيلو هو ’اياز‘
ڪنهن پرائي تڙ نه آيو پياس ۾.

●

هي سيارو، هوا، مَنهَن تي ماٺَ!
تِي سڏي ڪا وري جَڏيءَ ڪي جاٺَ.

رات ڪاري، هِتي هُتي جُگنو،
تيزَ ڪائي پئي ڏِيئي جي لاٺَ!

وڄُّ ڪنهن تي وجي ڪري ساٿي!
ايّ ٻ اوچتو ٿيا چمڪاٺَ.

جي نہ ريجهي رُنو، پَلئہُ ڳَل پاءِ!
نينگري! تو ڪيا گهٽيئي ناٺَ.

ڪنهن نہ جاتو تہ چو هيا سَرها،
هُو اَڏيءَ تي ’اياز‘ اوچا ڳاٺَ!

●

شاعري جي روحُ گرمائي نہ ٿي،
منزل مقصود ڪي پائي نہ ٿي.

ڱُونجَ تَنهن جي چا ڪبي، محبوب جو
ڪُونجَ جي پيغام پهچائي نہ ٿي!

گيتُ منهنجو ڌرتيءَ جي دانهن آ،
ڪا ڳُـڻن واري ائين ڳائي نہ ٿي.

اي ٻُڏي! ٻاڪار، ٻانهون هَڻ! رڳو
پريت ڪنهن کي پار پهچائي نہ ٿي.

تو ڪري راڪاس راڙا پَر ’اياز‘
هيل تُنهنجي سِنڌُ گهٻرائي نہ ٿي.

●

اگر دائم آهي تہ درياھُ آ،
گهڙيءَ لاءِ هي گهيرَ تُنهنجا هيا.

پٿائي! اسان جي پريءَ جهولَ ۾،
ٻُڌوسين ٻہ ٽي ٻير تنهنجا هيا!

اهو چير چمڪو سُجاڻان پرين،
ٻُنيي ٻاهران پيرَ تنهنجا هيا.

ٻُرو نانهہ پنيورُ اي پورڙي!
ڏنئہ ڏوجهہ جَن، ڏير تنهنجا هيا.

اَڙي ڏيهہ! تون شال ترتانءِ تين!
ولهيءَ سان وڏا ويرَ تنهنجا هيا.
اَجا هانءُ هاريو نہ آهي 'اياز'،

اجا هانءُ هاريو نہ آهي 'اياز'
نوان روز انڌير تُنهنجا هيا.

●

ڪي مالُ ميڙن ڪي آڪڙَن تا،
ڪنھن ڪونہ چاتو ڳُلڙا ٽڙن تا.

مُنھنجي اچڻ تي آڪاس_گنگا،
تارا ٻُڏن تا، تارا ڪِـڙَن تا.

مُنھنجيءَ ترائيءَ پاڻي پَلر جو،
سپ روجھَ ريجھي، جنھن تي مِڙَن تا.

تا گيتَ مُنھنجا چاريون وچائن،
ڪنھن ڳھيرَ ۾ چڻ ڳھاتو ڳھڙن تا.

چا چا چون تا ماڻھو اَيـاڻـا!
اي ڏات، تو تي ڪيڏو چڙن تا!

●

تو لَءِ تڪيندي ڏيئا اُجهاڻا،
چو ڪونہ آئين تون رات راڻا؟

هيءِ هيءِ بَسنتو! هي قُول پنهنجا
ڪنهن لاءِ آندَوَ مُنهنجي پُڄاڻا؟
هيءِ هيءِ گهتائو برسي نہ بَرسيَءُ،
هيءِ هيءِ اُجايل هي پونءِ پاڻــا!

اي چندَ! تو ڪي پهچي نہ پهتا،
اڄ گيت مُنهنجا ڏاڍو اڏاڻا!

مهڪار آهي ڪائي مِٽيءَ ۾،
هي ڪير مَهڪِي ان ۾ سماڻا؟

اي آسمانو، نيرا جَهانو!
ڪيڏانهن ويندا ڏرتيءَ ڏڪاڻا؟

رابيل جا گل پوئي تہ آئين،
پر هارَ ڪنهن ڪي پائين اَياڻا!

مايوس آهين اي مينڌرا چو؟
مومَل ڪندي آ ڪنهن وقت ماڻا.

اڄ ڪلهہ 'اياز' آ مرهم مهانگي،
۽ گهاوَ تنهنجا آهن پُــراڻــا.

●

هوندي مايا اَپرمپار،
ٻَنسيءَ وارا رَتَّ سَنيار!

رات تہ ڪاري نانگڻ آهہ،
گاروڙي ٿِي رات گُذار!
وِلهہ وَسِي ٿي اوندهہ تيءِ،
ٽانڊاٽو ٿي ٽاٽو ٽارِ!

توتي ڪاوڙ ڪوهُہ غلام!
ناهہ غلاميءَ جهڙي گارِ.

دور اَسارا شاهہ بلوطَ!
تون ڪو پنهنجو ٻوٽو ٻارِ!

ڪاٺياري جي ڪنهن کي ڪاڻ؟
واهَر تي ويساهُہ نہ ڌار!

هر ڪنهن پَنهنجو پَنهنجو ڪُرم،
هر ڪنهن پَنهنجي پَنهنجي ڪار.

جنهن مِٽيءَ تي مرٽو آهہ،
تنهن مٽيءَ کي پهرئين سار!

ڪالهوڪي جو کهڙو تاءُ،
اڄ ڪو اجرو سجُّ اُڀار!

هلڻي آهي هردم ويڙهہ،
آڏي پنهنجي ڍال نہ ڍار!

هر منزل ڪان اڳتي وَڃُ!
ڪنهن منزل تي پيرَ نہ ٽار!

اڳتي ايندا ڪارا ڪُنَّ،
پوءِ بہ وڃڻو آهي پار.

دنيا جنت ٿيڻي ناهہ،
پوءِ بہ دوزخَ تي ڦٽڪار.

ڳاڙهي گُل جي خوشبو سنگهُہ،
۽ پوءِ ڪَنڊي تي ويچارَ!

ٻُڌ يل ٻئي جي ڳالهہ ’اياز‘!
پنهنجو پيغمبر تي گهار.

اپرمپار_ بي انتها.

●

آذيءَ اُتي تا هُو گيت جوڙن،
شاعر پکين کان اڳ ۾ پَتوڙن!

پيرون پچن تا ڪاري ڪُنڊ ۾،
ڌرتيءَ منجهان تا امرت نچوڙن.

اڄ گيت مُنهنجا چيتي اَچيتي،
ماتو مَهيءَ جو ويِنا ولوڙن.

هَر هَر ڪَجاوا ايري اَچن تا،
ڪَرها پِتن مان تا واٽَ ووڙن.

ٻيڙي ڳَري ۽ اوٻَر اَڻائو،
وانجَهي وسوڙا تارن نه ٻوڙن.

منهنجي پڌر ۾ پيرا پرينءَ جا،
او شل نِڌَر سان ناتا نه توڙن!

ڪيٻائڄي چو ڪوري ڪَتڻ کان!
ڪاپائتيون ۽ رَنديا نه روڙن!

هَيءِ هَيءِ 'اياز' اڄ هي جاڳَ-سپنا،
تا جيءُ منهنجو سارو جهنجهوڙن!

●

آڪاس نيرو، نرمل اجالا!
پَر پَر ڪَلالا، پُورا پيالا!

تولاءِ تنهنجا سونا سَنگهاسَن،
مون لاءِ مُنهنجي هيءَ مِرگهه ڇالا.

ڪويل ڇوي تي هيءَ ڪوڪ ڪهڙي؟
مون گيت ڳاتا سَــپ ڪـان نــرالا.

ميهَر ڏسي تو، تارا ٻرن ٿا،
سُهڻي سُڪائي تي وارَ آلا.

اوتار ناهيان پر پوءِ ٻه منهنجي
ٻَنسي وڄي تي گهَر گهَر گُوالا!

سنڌو سُنهري! توکي ڏني مون،
ڳوڙها وهائي، ڇا ديپ-مالا!

اڄ ڪلهه ’اياز‘ آ هر گيتُ تنهنجو،
انڌير نگريءَ ۾ ڪا جُوالا.

●

رات وارن ڪي وري ڇَنڊڪو ڏئِي،
اوچتو ڪاري گھٽا برسي پَئي.

ڇو ڏُهر ۾ تي وجين ڏِيئو ڪٽي؟
رات ڪارونيار جِي آهي، هَئي!

ڪا گھڙي سارا جَهروڪا بند ڪر!
واءُ ڪيهُون ٿو ڪري او بي ڇئي!

سيرُ، سُهٽي، تيز طوفاني هوا،
سارَ ساهڙ جي، ڏسائون سُرمَئي!

تنهن پڃاڻان ڪاڪ ڪي مان ڇا ڪَيان؟
ميندرو مون ڪي ويو ڪو ڏَنءُ ڏئي.

ڪنهن وَچن واسطي، پنهنجي 'اياز'!
زندگي بَنواس ۾ گُذري وئي.

ڏهر _ پٽن جي وچ ۾ ميدان
سُرمئي _ سُرمي جي رنگ واريون.

●

اجا ٻه ٽُل تي هيا نڪاٽا، اجا ٻه ڪي سَنڪَ سارَ ۾ ها،
سِڱي وڻي تي، سَنئين لڱين ڪي، ٻه چار پکشو وهار ۾ ها.

عجيب هي آڱريون هُيون جي لهو لهو تي ويون تُنبي تي،
عجيب هي ولولا هُيا جي نه تـنـدُ ۾ ها نه تـارَ ۾ هـا.

جڏهن اسان خاڪ تي ويـاسي، تڏهن وَسي ماڪَ ميڪدي تي،
رُنو صراحيءَ ڏٺو نه ساغر، پياڪَ پنهنجي خمار ۾ ها.

اتاهُ اُڏما ڏڪار ۾ ها، ڏڪار جا پيار جي سَڪي آ،
سوين اَمر گيت آدميءَ جا، نه چانڊنيءَ ۾ نه پيارَ ۾ ها!

سُجهي تي توکي رڳو ٺنولي، سَڪي! ڏٺو مون جڏهن ٻه ساجن،
اَواڪ واڪا اَڪيـر ۾ هـا، اَپار ناتـا نهارَ ۾ هـا.

’اياز‘ هر شعر آهه تنهنجو ائين جيئن ڪو گُلاب جو گُل،
ڏني نه ٻي ڪنهن ٻه سُرخ خوشبو، انيڪ ٻوٽا ٻهارَ ۾ ها.

●

تکا ڪئن نہ ماري وَيا تاڙ ۾!
لَتو هَنج کو ڏَنڊ تي لاڙ ۾.

اسان ڏات سان هي ڏِسائون رَڱيون،
ميان، تو تہ پورو هَئين ساڙ ۾.

ڪياسين اُيا رَتّ ريٽا جهنڊا،
وياسين مٺي ديس جي ماڙ ۾.

اياري ويو آگ ڪيڏي 'اياز'،
بغاوت ڪَري گيت جي آڙ ۾!

ڏِسا_ طرف.

●

نہ موتو گهڙيءَ لاءِ گهاتو ڏئِي،
ڪَلالو! وجو مَڌُ- ماتو ڏئِـي.

اڏيءَ ڪي ڏنئہ ڪيتري پيار سان!
اسان ڪِي ايو اوچُ ڳاتو ڏئِـي!

متا رات ڪاري، اَسُونهان اسان،
ڇڏي چو وئين تون بہ- واتو ڏئِي؟

اتر اج تہ ڪيهون ڪَري تو وَسي،
ويو سيءُ ڏاڍو سياتو ڏئِـي.

بغاوت يريا گيت ڳائي ’اياز‘،
ڇَريءَ ڪي وئين ڪو ڇپاتو ڏئِي.

●

تَتيءَ ۾ گهڙو ڪا پري تي پئي،
ٽري سونهن چمڪا ڪري تي پئي.

اهو ڪانڌُ ڪهڙو؟ انهيءَ ڪي ڏسون!
سُــهـاڳڻ تہ ٻَھ ٻَھ ٻري تي پَئي!

اُني جي هوا ۾ ڪنيا مورَ پَـر،
ڌُڪِي ديل هَر هَر ٽري تي پئي.

ڪَرايُون ڳِچيءَ ۾ وجهي ڪانڌَ کي،
ڏسِي وڄُ وينگس ڏَري تي پئي.

سَکِيءَ کي ڏجي ساهُ گهوري 'اياز'،
مگر چا ڪجي، جو پَري تي پئي!

●

ڀلا پَنڌُ هئن ڪو اُڀَھرو ڪَري!
تتي چانوَ آ، وَڄُ ڏُڀَھرو ڪري!

هَوا! ڪانھَن بينُون ٻٽائي وڃاءِ
وَسيھَر اُني ڪو تہ لھرو ڪري!

اجا مَـڌ مَتو ناھہ، ترسو ذرا،
پياڪو، اجا رنگُ گھرو ڪري!

اسان جو سَدا ڪنگري تي ڪَمند_
پيو تيرُانداز پَـھرو ڪـري.

نئين جاڳ آنديءِ ويو هو ’اياز!‘
اڳوٽو غزل ديسُ ٻھرو ڪري.

●

ويجَ! تون چو نہ تو ورائين ٻانهن؟
چا ٻُڌين ڪونہ تو دکيءَ جي دانهن؟

ڏسُ تہ تلوار جئن تکا آهن،
تو سُڪايا تہ چا ڪَنڌيءَ تي ڪانهن!

هي تڏي تي اڪُٽ نڪَٽ تنهنجا،
هي جَڏو جيءُ، هي اَپار پرانهن!

تو سڏي بار بار آڳاتو،
۽ چڪي چوهہ مان 'اياز' اڳانهَن.

●

ٺـٺي جي هوا ۾ گـُلابي بَـدن،
ڍَڪي ڪـيئن اجرڪ سَجو واس وَن!

ميـاٽي ٻه مهـڪي مَـچيءَ چَٽَّ ۾،
مُسافر، اهو آهه منهنجو وطن!

نه ’خسروَ ڏٺو نه ’غالب‘ ڏٺو،
غزل در غزل آهه پنهنجو چمن!

اها سِندُ ڪعبو ٻه، ڪاشي ٻه آ،
چوي ڇا ٻه ڪو شيخ يا برهمن.

انهيءَ تي اسان جي خدائي ڪٺي،
نه فردوسُ بهتر نه باغِ عدن.

جڏهن ’ڪُن‘ چيائون، اسان ڪي ملي،
اِهـائي ته ڌرتي، اهوئي ته ڌَنُ!

گُوالي نه گوپي ڏٺي هيئن ڪا،
ڏسِي جي ته ساري نه ٻنسي نه ٻَنُ!

اِنهيءَ لاءِ ٻنواس ڀوڳيون پيا،
انهيءَ سان اسان جو انوکو وچن!

مُسافر! رڳو نـمُ جي ڇانـوَ ۾،
اَچي ويهُه مون سان، ڪڏهن ٺار مَنُ!

نه ڄاڻين ته هن ديس ۾ آهه ڇا،
ته سمجهين ته ڇاتي ٿيو مَن مگن!

هتي ڪٽڪ ۾ سنگَ سونا تين،
هتي ڏرتتيءَ ڪي روپهري بَدنُ.

هتي هار پوئي اتر جي هوا،
هِتي ريت جو هر ڪَڻو آ رَتنُ.

جڏهن تو وَسي مينهَن جي مُند ۾،
لڳاتار موتي ڇِڻي روز ڇنُ.

جڏهن سنڌُ تي سُرمئي راتڙيون،
ڪسِي نِندَ نيڻان اسان جي گگن:

ڏسي چيٽَ جو چندُ آڪاس ۾،
اسان کي اچي ياد پنهنجو سجنُ.

هِتي گيتُ جيتي ويو مون کي،
تنبورو هيو يا ڀِٽائيءَ جو تنُ!

اُنهيءَ ڪي اڏائي وئي چو هوا،
پپل مان ڇٽي جو پيو ڪالهه پَنُ!

اُني جي هوا آ، تَڏا ساهه آ،
الا جهڙَ تيو مارئيءَ جو ڪفن!

چنيسر ٻه دودو ٻه مُنهنجو ميان!
جوان آءٌ ڪيسين انهن جو چلن!

کُهاڙي ڏيان ڏوهُ کهڙو 'اياز'!
کپي جڙ اسان جي ويو ڪالهه ڳنُ.

گگن_آڪاس.

●

تون نہ آئين، نہ آئين، نہ آئين اجا،
تو اسان کي پيو آزمائين اجا!

آ گهڙو ڪا گهڙي، ڏس ٻُڏين تي ٻَڙي!
پريت ميهار سان تي نيائين اجا!

ڪيچَ جا پيچرا مانَ چمڪي پَون،
باھ پنيور کي جي لڳائين اجا!

موت هڪ تاج آ، جيڪڏهن عشق ۾،
تو سُري سِرُ اَڏيءَ تي جُهڪائين اجا!

اي ’اياز‘ اُگهہ اکيون جي وَيا سي وَيا،
پُور ڪِن جا پيو تُون پچائين اجا؟

●

ڪيچَ ڏي آءٌ چو ٿي ڪَهان اي اديون،
چو نہ پنهور جي ٿي رَهان اي اديون!

هو پنهون، جو پراهون ٿيو اوچتو،
سور تنهن لاءِ ڪيسين سَهان اي اديون.

راهہ ڪائي نہ آ، واهہ ڪائي نہ آ،
ڪن پهڻ پَٻَّ جا هُون نہ ها اي اديون!

هو پري جو ويو سينڌ سِندورَ سان،
ناهُ پئي سانٰ ڪري، ڪئن نَهان اي اديون!

●

تي ماڪ وسي ميخاني تي، ڪي رِندَ ڪَڙو ڪڙڪائن ٿا،
ڪجھ ڳات ڳِھر مان چرڪن ٿا ۽ جامَ جَھلي واجھائِن ٿا.

مون، سُھڻا! تُنھنجي ساکَ ڪنئي ۽ لوئيءَ تنھنجي لاڪ هَنئي،
سي ڪانئر ٻي ڪنھن ڪُڙم منجھان، جي پريت ڪري پڇتائن ٿا.

ڪا هرڪُ نہ هاري هوتن تي، هي پَنڌ نہ آهي پونن جو،
تَا ڏاڍا ڏُونگر ڏيڪارن، جي پيچُ پيارل پائن ٿا.

ڪي ڪنڌُ جھڪائي ڪَنڌيءَ تي، ٿا پاڻ چُپائن چوھي ڪان،
ڪي وانجھي سِيرَ وَسائن ٿا، درياھ جڏھن دَڙ لائن ٿا.

هن شيشي_گھر جا دروازا، نادان، اگر ٻوٽين ٻہ تہ ڇا!
پٽر تہ پري، پُوري گھر ڪي ڪجھ ٿھڪ رُڳا ٽڙڪائين ٿا.

آ مَھڪ هوا ۾ ميندي‌ءَ جي، سي گھوٽَ اچن ٿا گھايل تي،
جي لال لھوءَ ۾ ليٽڙجي، اڄ رُت جي ريت نيائن ٿا.

ڪي پنھنجي پيو ۾ پُٽڪن ٿا، ڪي ڪانيارا تي ڪُٽڪن ٿا،
تو چوري چنگُ 'اياز' اتي، جِت ڳاڙها ڳيرو ڳائن ٿا.

دڙ_زور سان، وري وري اٿندڙ آواز
پونو_ ميدان

●

جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل! هي ڏينهن بہ گهاري وينداسين،
چو پير پساري وينو آن، اُت! ڏونگر ڏاري ويندا سين.

ڪنهن لاءِ تڪين ٿو ڪنڌيءَ تان، ٻي ٻيڙي ڪاڻ نہ اچڻي آ،
جي تون بہ اَچين او وڻجارا! تو ڪي بہ اُڪاري ويندا سين.

درياهَہ اندر جا دهشت آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
تون مان تہ رُڳو هن سنڌوءَ تي، ڪا لهر اياري ويندا سين.

ڪا جهرمر جهرمر جُگنوءَ جي، ڪا ٽمر ٽمر ٽمر تاري جي،
گهنگهور گهٽا جو گهيرو آ، ڪنهنجي تہ سهاري ويندا سين.

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي، پر هيئن نہ مرنداسين ساٿي!
ڪا آگ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

تون آءُ تو اوريون اوراٽا، چو جيءُ سڙي هي جهوراٽا؟
تو چا ڪان چرڪين ٿو راٽا! اڄ ڪاڪِ ڪِناري ويندا سين.

چو گهبرائين ٿو ڪوٽَ ڏِسي، هي اُوچي اُوچي اوٽ ڏسي،
زِندانَ اڏائي ويندا سين، زنجير پگهاري ويندا سين.

تنهن وقت بہ مون هي چاتو هو، هي ڪاريهَر سان ناتو هو،
جي هاٿي ساڻُ سڃاتو تو، هي مارِي ماري ويندا سين.

تون ڪر، جو توکي ڪرڻو آ، هي دؤر بہ نيٺ گذرڻو آ،
ڪنهن وقت ڏهيسر مرڻو آ، بَنواسُ گذاري ويندا سين.

24 ڊسمبر 2006